# ”ڪائنات ابتڙ مان ٺهيل آهي“

رسول بخش پليجو

---

هڪڙي پاسي ڪائنات جون سڀ ڳالهيون ۽ شيون پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن. ٻئي پاسي ان جي هر شيءِ ۽ ڳالهه پاڻ ۾ جهيڙو ڪندڙ ابتڙن جو ميلاپ آهي. اهو ابتڙ ۽ هيڪڙائيءَ جو رشتو هڪڙي ئي زماني ۾ موجود شين ۽ ڳالهين جي وچ ۾ به آهي ته مختلف زمانن جي شين ۽ ڳالهين جي وچ ۾ به آهي.

ڳالهين مان ڳالهيون نڪرن ٿيون ۽ ڏيئن مان ڏيئا ٻرن ٿا. اڄ اسين ايترا قابل ان ڪري آهيون جو اسان کان اڳيان اسان کي عقل ۽ ڏاهپ جو صدين جو خزانو ڏئي ويا.

دنيا جي ديوَ جيڏي رياضيدان، فلسفي، سائنسدان سر آئزڪ نيوٽن ان ڪري ئي چيو هو، ”جيڪڏهن منهنجي نظر ٻين کان پري پهتي آهي ته اهو تڏهن ٿيو آهي جڏهن آئون ديوَ جيڏن ماڻهن جي ڪلهن تي چڙهيو بيٺو آهيان.“

شين ۽ ڳالهين جا ڪئين پاسا آهن، هڪڙو ڪونهي. بدقسمت آهن اهي ماڻهو ۽ قومون جيڪي ڳالهين جي فقط هڪڙي اڌ پاسي تي ڳنڍ ٻڌيو ويهيو رهن ۽ جيڪي حقيقت جي باطن بدران رڳو ان جي ظاهري ڏيک ۾ گم ٿيو وڃن ٿا.

”مئي هاٿي سين مامرو، اڇي پيو انڌن“ واري ڳالهه وانگر ڪنهن انڌي جو هاٿي جي ڪن تي هٿ لڳو ته ان چيو ته ”هاٿي سپ جهڙو آهي“ جنهن جو هاٿيءَ جي ٽنگ تي هٿ لڳو تنهن چيو ته ”هاٿي ٿنڀ جهڙو آهي“ جنهن جو هاٿيءَ جي پڇ تي هٿ لڳو تنهن چيو ته ”هاٿي نوڙ جهڙو آهي“. منجهائن ڪنهن کي به سماءُ ڪونه پيو ته هاٿي اهو سڀڪجهه به آهي ۽ ان ڪانسواءِ انهن سڀني کان هڪڙي نرالي شيءِ به آهي. زندگيءَ جا ڪئين ذاتي ۽ قومي مامرا اهڙا آهن جن تي ڳوڙهي سوچ ۽ ويچار جي ضرورت آهي ۽ وڏي سوچ ۽ غور سان انهن جا حل ڳولي لهڻا آهن. اهو تڏهن ٿي سگهندو جڏهن اسان پنهنجي وهمن جذبن، ذاتي مفادن ۽ دوستي ۽ دشمني جي خيالن کان بالاتر ٿي نيڪ نيتي، ڏاهپ ۽ خالص عقل، تجربي، سائنسي ڄاڻ سان مسئلن جي تپاس ۽ اختلافي ڳالهين جو نبيرو ڪنداسين. رومي جوليس

سيزر چيو آهي تہ، ”جيڪي ماڻھو اختلافي مسئلن تي غور ڪندا هجن، تن ڪي نفرت، سنگت، ڪاوڙ ۽ رحم کان بالاتر هجڻ گهرجي.“ اها ڳالھ هن اڄ کان 20 صديون اڳ ڪئي هئي.

اسين جنهن زماني ۾ رهون ٿا. سو اڄ يعني 6 نومبر 1992ع بہ آهي ۽ 1992ع جو سڄو سال بہ اسان جو زمانو آهي. دراصل اسين جڏهن کان ڄاوا هئاسين تڏهن کان وٺي دنيا ۾ جيڪو بہ ٿيو اسين ان کي پاڻ سان واسطيدار سمجهي سگهون ٿا ۽ پڻ اهو زمانو جنهن ۾ اسان جي ابن ڏاڏن ۽ انهن جي ابن ڏاڏن هن دنيا ۾ زندگي گذاري، محبتون ۽ نفرتون ڪيون، ڪٽيو، ڪمايو، وڃايو، سنو ۽ لوڙيو، جوڙيو ۽ ماڻيو ۽ پنهنجو سڀ ڪجھ اسان لاءِ ڇڏي ائين هليا ويا جيئن سڀاڻي اسان پنهنجو سڀ ڪجھ پنهنجي پوين لاءِ ڇڏي هليا وينداسين. جيڪڏهن اسان جا پويان اهڙا عقل جا وير ٿين جو اسان جي دؤر بابت چون تہ ان سان اسان جو واسطو ڪونهي، اسان جو دؤر الڳ آهي ۽ اسان جي دور جي هر ڳالھ ان ڪري رديءَ جي ٽوڪري ۾ اڇلائي ڇڏين، ڇاڪاڻ جو اهي ڳالهيون سندن چيل ناهن تہ پوءِ اهي اهڙا بي عقل ٿيندا، جهڙا اسين ٿينداسين، جيڪڏهن اسين پنهنجي وڏن جي ڳالهين کي ائين چئي رديءَ جي ٽوڪريءَ ۾ اڇلائي ڇڏيون، ”تہ اهي اسان جون ناهن، اسان جو انهن سان ڪهڙو واسطو؟“

۽ تنهن کان پوءِ اسان جا وڏا ڪير آهن؟ اسين ڪنهن کي پنهنجو وڏو ليکي سگهون ٿا؟ ڇا اسان جا وڏا فقط اهي آهن جيڪي نسلي طرح اسان جي ذات يا قبيلي جا آهن؟ پر ذاتيون ۽ قبيلا تہ ڪلھ شروع ٿيا! ان کان اڳ اسان جا وڏا ڪير هئا؟ ڪي تہ هوندا توڙي جو اسان کي انهن جو نالو نشان بہ معلوم نہ هجي. انهن جي جاچ ڪرڻ سان بہ جي سندن ڪو ڏس نہ ملي تہ پوءِ؟

اهي تہ ٿيا اسان جا نسلي وڏا، پر اسان جا عقلي وڏا، روحاني وڏا ۽ ذهني وڏا بہ تہ ڪي آهن! اهي ڪير؟ فقط اهي جيڪي اسان جي قبيلي يا قوم جا يا اسان جي صوبي يا ملڪ جا هجن؟

اڄ کان 22 صديون اڳ رومي ناٽڪ نويس ٽيرنيس لکيو هو تہ، ”آئون انسان آهيان، ان ڪري ڪوبہ انسان مون لاءِ ڌاريو ڪونهي ۽ ڪابہ انساني ڳالھ مون لاءِ پرائي ڪانهي.“ اها ڳالھ بين ڪيترن ڏاهن پنهنجي پنهنجي نموني ڪئي آهي ۽ صحيح ڳالھ آهي بہ اها.

سيني انسانن جون سڀ ڳالهيون اسان سان واسطو رکن ٿيون. شيخ سعديءَ چيو هو، ”بني آدم اعضائي يڪ ديگرند.“ ”آدم جو اولاد هڪٻئي جا بازو آهن.“ اها ڳالھ صحيح آهي، نہ رڳو جسماني طرح پر ان کان بہ وڌيڪ ذهني ۽ روحاني طرح

۽. جڏهن کان انسان سوچڻ ۽ پنهنجي سوچن کي رڪارڊ ڪرڻ شروع ڪيو آهي تڏهن کان وٺي دنيا جي نيڪ ڏاهن ۽ همٿ وارن ماڻهن جيڪي سوچيو لوچيو ۽ ڪيو آهي سو سڀ اسانجي ۽ اسان جي پوين جي ۽ انهن جي پوين جي گڏيل ميراث آهي. تنهن ڪري اسان جي ڄاڻ، سمجهه ۽ شعور جو دائرو ڌرتي جي ڇهن ئي ڪنڊن ۾ رهندڙ ۽ سموري انساني تاريخ جي سمورين اڻ ڳڻين صدين دوران رهندڙ سمورن نيڪ، ڏاهن ۽ مڙس ماڻهن جي سوچن ۽ عملن تائين پکڙيل هئڻ گهرجي، تڏهن ئي اسين ذهني ۽ فڪري طرح گهر جا گلو ٿيڻ بند ڪنداسين ۽ صحيح معنيٰ ۾ دنيا جا اهڙا شهري بنباسين جهڙا ارسطو، بوعلي سينا، نيوٽن، گليلو، لطيف ۽ ٻيا سوين هزارين ماڻهو هئا.

ڌرتيءَ جي جنهن ٽڪري تي زماني جي ڪنهن به دور ۾ ڪهڙي به رنگ، نسل، قوميت ۽ مذهب جي ماڻهن ڪابه دانائيءَ جي ڳالهه ۽ ڪابه انساني ڀلائيءَ جي سوچي ۽ عمل ڪيو آهي سا اسان جي ميراث آهي. ائين سمجهڻ ۽ ڪرڻ سان اسان وٽ گهڻ پاسائين ڄاڻ ۽ گهري سمجهه پيدا ٿيندي ۽ اسين لڪير جي فقير ٿيڻ کان بچي پونداسين.

خوش قسمتيءَ سان جتي دنيا جي علم ۽ سمجهه جا اٿاهه خزانا تاريخ جي ستم ظريفيءَ سبب گم يا ضايع ٿي ويا آهن، اتي انهن مان گهڻو ڪجهه بچي به ويو آهي، ۽ اسين جي خفتي ۽ جاکوڙي ٿي انهن جي پويان پئون ته اسين انهن خزانن جا مالڪ به ٿي سگهون ٿا. اهي خزانا مختصر قولن جي مجموعن جي صورت ۾ به آهن ۽ تفصيلي تحريري مضمونن جي صورت ۾ به آهن. ڪنهن به موضوع کي کڻبو ۽ مختلف قومن ۽ دورن جي ڏاهن جا ان موضوع بابت خيال معلوم ڪبا ته ڳالهه جا ايترا پاسا ۽ ڪندوڻ معلوم ٿيندا جو ماڻهو چئي ته ڪن پل ۾ ان موضوع بابت سڄي جهان جي ڏاهپ جو ڏٺي تي ويندو.

ايندڙ ڳالهين ٻولهين ۾ اسين وقت بوقت مختلف موضوعن جي ڪئين مختلف پاسن بابت دنيا جي مختلف قومن، ملڪن ۽ تاريخ جي مختلف زمانن ۾ رهندڙ ڏاهن جا ويچار پنهنجي وطن جي ماڻهن اڳيان سندن لطف، ڄاڻ، سوچ ۽ ويچار ۽ سمجهه پرائڻ، پنهنجي عملن ۽ سوچن جي رهبري ڪرڻ لاءِ پيش ڪندا رهنداسين.

سنڌي عوامي برقي - ڪتاب
Sindhi Awami e-Books